
مومل راڻو

شمع جلي پروانو جليو - ويو جلي - ويو جلي
مومل جلي راڻو پڻ جليا - وڃي خاڪ رلي - خاڪ رلي

* اصل وڏو قصو *

مومل راڻو *

(ميڊرو)

-: تيار ڪيل :-

مرحوم حافظ بدرالدين صاحب (بدر)
(شاعر علي خان واصل)

جون ۱۹۸۳ع

(دفعو پنجون) قيمت 6 (تعداد

* سڀ حق واسطا قائم *

ڇپائيندڙ :-

توفيق احمد ولد نور احمد
مولوي محمد عظيم ڪتب خانه
شاهي بازار شڪارپور سنڌ

* ديباچـــو *

ناظرين ڪرام جي خدمت ۾ گذارش آهي تہ ڪيتري وقت کان وٺي منهنجي دل جي اها تمنا ٿي رهندي آئي تہ جيڪر گذريل قديم قصن جهڙوڪ سوهڻي ميهار، مومل راڻو، عمر مارئي، ڄسئي پنهون وغيره کي نظم جي صورت ۾ آڻي پنهنجي طبع آزمائي ڪريان انهيءَ خيال کان احقر جي طرفان اهرين پيش ڪش مومل راڻو پيش ٿي رهيو آهي.

هن کان اڳ بہ ڪيترن مصنفن ۽ شاعرن جو هيءُ قصو نظم ۾ پيش ٿيل آهي. مگر اهو عام ماڻهن جي سمجهہ کان ڪجهہ قدر ٻاهر آهي. انڪري مون هن قصي جو سمورو بيان هن ڪتاب جي منڍ ۾ نثر ۾ پيش ڪيو آهي- ان کانپوءِ سمورو قصو ترتيبوار سوالن جوابن ذريعي شعر ۾ پيش ڪيو آهي- محنت ۽ ڪوشش وٺي عام فهم ٻولي استعمال ڪئي وئي آهي. اميد تہ عوام الناس کي عموما ۽ راڳهندڙن وغيره کي خصوصا نهايت پسند ايندو.

مونکي اميد واثق آهي تہ ناظرين ڪرام هن ڪتاب جي مطالعي مان بخوبيءَ لطف اندوز ٿيندا رهندا ۽ هن غلام کي دعاءِ خير سان ياد فرمائيندا. ٨- فبروري ١٩٦٤ع

مصنف:- حافظ بدرالدين المتخلص (بدر)

علي خان واهل تعلقو ڳڙهي ياسين.

* قصو مومل ۽ راڻو *

راڻي ۽ مومل جو بيان – درد جو داستان

هن ريت آهي – منجهس ڏيکاريل سچي پريت آهي مومل جي ماڙي مشهور آهي. ڪيترا ماڻهو ڏسڻ لاءِ ويندا آهن. گهوٽڪي ڪان سڌو شاهي رستو آهي جنهن سان درخت عاليشان بيٺل آهن ۽ عجب نظارو آهي. ڏسڻ جهڙو آهي ناقلن هن قصي جي حقيقت هن طرح بيان ڪئي آهي ته هڪ راجا نند نالي سنڌ جو حاڪم هندو ٿي گذريو آهي جنهن کي نيائيون نوَ ڄايون نون نيائين منجهان ٻه اهڙيون من موهڻيون نالي مومل ۽ سومل جن جي چنڊ جهڙي شڪل هئي باقي ست صورت ۾ ٿورو گهٽيل نون ۾ نالو پهريون نمبر مومل جو هو. ماڙي ۾ مومل جي حسن جي تعريف ايتري قدر ٿيڻ لڳي جو ڏسڻ سان هرهڪ عورت جي وات ڪان هي لفظ نڪرندا هوا ته بيشڪ مومل راڻي آهي ۽ مڙس ته شل ڪيس ڪو راڻو ملي. ڪي عورتون پنهنجي نياڻين کي مثال ڏيڻ لڳيون ته مومل وانگر ماڻا نه ڪر سچ ته ايئن آهي ته مومل جي حسن ملڪ ۾ ڌوڪو وجهي ڇڏيو. سنڌس پيءُ راجا نند کي خزانو بيشمار هو ۽ درياءَ جي اندر رکندو هو هڪ سوٽر جو ڏند

ڪيس هٿ آيو هو. جنهن ۾ اهڙو اثر ۽ حڪمت هئي جو هٿ ۾ ڪٽي پاڻيءَ ۾ وجهي ته اُهيءَ هنڌ پاڻي ڪري وڃي ۽ رستو صاف ٿيندو وڃي انهيءَ سوٽر جي ڏند سڀان پنهنجو سمورو خزانو درياهه جي وچ ۾ رکايو هوائين جنهن وقت خزاني جي ڪيس ضرورت پوندي هئي ته ڪٽي ايندو هو. هڪڙي ڏهاڙي مومل اڳيان هڪ فقيري لباس ۾ سائل آيو جنهن مومل کي سوال ڪيو ته ڏٽيءَ جي نالي مون کي سوٽر جو ڏند خيرات ڏي. مومل کي سندس ستائڻ ۽ تنگ ڪرڻ خاطر ڏٽي ڇڏيائين انهيءَ فقير کي ڪا سموري حقيقت جي خبر هئي ڏند وٺي خوشيءَ مان ٽپ ڏيندو ويندو ويندو رهيو. جڏهن راجا نند آيو ۽ مومل کان ڏند جي طلب ڪيائين تڏهن مومل چيو ته بابا مون کان ڏند جي هڪ فقير اچي طلب ڪئي ۽ چيائين ته ڏٽيءَ جي نالي ايهو ڏند ڏيار مون اهو کيس ڏٽي ڇڏيو راجا پڌڻ سان ڏاڍي غصي ۾ اچي ويو ۽ فقير جي ڳولا ڪرايائين مگر هٿ نه آيو راجا نند مومل کي چوڻ لڳو ته ايهو ٺڳ هو مگر لباس فقيرن وارو ڪري آيو هو هاڻي سڀ خزانو انهيءَ کي هٿ اچي ۽ منهنجي قسمت هارايو. ايهي الفاظ پيءَ وارا پڌي دل ۾ مومل گهڻو پڇتايو پر مومل کي سومل سمجهائي ڇڏيو هو ته بابا کي جواب ۾ چئجان ته سومل علم جادو ڄاڻندي آهي مو انهيءَ فقير کان جادو هلائي خزانو مو ٽائي وٺندي

تنهنڪري وڏيڪ غم ۽ ڳڻتي نه ڪريو. راڄا انهيءَ دم دلاسي ڏيڻ ڪانپوءِ ڪجهه ماٺ رهيو.

مومل سومل جي صلاح سان هڪ عاليشان باغ ٺهرايو جنهن جي چئن ڪنڊن کان چار چيتا شينهن ٺهرايائين باغ جي چوڌاري هڪ نهر کوٽايائين جنهن ۾ جادو جي زور سان ڪوڙهو رت جهڙو پاڻي وهندو هو. باغ جي وچ ۾ هڪ ماڙي جوڙايائين جنهن جون ڏاڪڻيون ڪاريگرن اهڙيون ناهيون جو سارو ڏينهن ماڻهو پيو ڦرندو مگر مومل تائين پهچي نه سگهندو نه مٿي چڙهي سگهي نه هيٺ لهي سگهي ڏاڪڻ اندر ڦري ڦري آخر هلاڪ ٿي مري وڃي ۽ سندس خزانو مومل جي هٿ چڙهي وڃي اهڙيطرح چڱو وقت ايهو طريقو مومل هلائيندي رهي ۽ ڪيترا آسودا شهزادا شادي جي خيال سان آيا مگر مارجي چٽ ٿي ويا. باغ جي چوڌاري جيڪا ڪوڙهي پاڻي جي نهر وهندي هئي تنهن جو نالو ڪاڪ مشهور ڪرايائين ايهو شرط رکيائين ته جيڪو ڪاڪ مان لنگهي مومل جي ماڙي تان چڙهي مومل سان ملاقات ڪندو تنهن سان شادي ڪندي انهيءَ زماني ۾ همير سومرو به حاڪم هو ۽ عمرڪوٽ سندس گاديءَ جو هنڌ هو جنهن وٽ وزير ٽي هوندا هوا.

(١) ڏونر والي	قوم پني
(٢) جهڙو نالي	قوم تماچاڻي
(٣) راڻو نالي	قوم سوڍو

هي تنهن وزير داناءُ ۽ همت ڀريا ۽ پهلوان هوا ۽ هميشه گڏ شڪار ڪندا هوا سفر ۾ به پاڻ ۾ گڏ گهمندا هوا ۽ هڪ ٻئي سان پيار به سخت ڪندا هوا هڪ ڏينهن وڏي سفر تي شڪار لاءِ ڪنهن بيابان پٽ ڏانهن تنهن گڏجي روانا ٿيا منزلون هڻندي هڪ ڳوٺ ۾ پهتا جتي سج به لهي ويو ۽ رات به رهڻي پئي جنهن جاءِ ۾ رهيا تنهن جاءِ پرسان هڪ ٽڪاڻو هو جنهن ۾ هڪ مهراج سوامي رهيل هو جو جڏهن ڪيس خبر پئي ته عمرڪوٽ کان بادشاه جا خاص وزير هت منزل انداز ٿيا آهن تڏهن حقيقت پيش ڪرڻ جي خيال سان آيو ۽ حالات هن طرح ٻڌايائين.

حالات مهراج سوامي هندو برهمڻ جي

مون نهايت دولت مند هوس ڪيترا نوڪر چاڪر هوا مگر مومل جي حسن جي تعريف ٻڌي پاڻ سان نو لک خزانو کڻي مومل جي ملاقات جو خيال رکي ويس مگر سر سلامت جي به ناامودي دل ۾ وٺي تمام گهڻن تڪليفن سان موٽي هت اچي پهتو آهيان هتان جڏهن ويس ۽ مومل جي ماڙيءَ پهتس تڏهن هڪ مومل جي ٻانهي آئي مون کيس ڪجهه روپيا ڏنا ته مون کي حقيقت کان واقف ڪر پلا چو نه تا مومل تائين پهچن ۽ ڏاڪڻ ۾ ڇا اسرار آهي يا جادو آهي ٿورو ٻڌاءِ چو ته مون به خزانو کڻي اميدوار ٿي آيو آهيان. مگر ٻڌائڻ کان نٽائڻ لڳي مون وري کيس

روڪڻ ڪيدي ڏني ۽ فڪر ڪيم ته هن جي وسهلي جيئن ڏاڪڻ تان چڙهي وڃي مومل کي ماڻيان ۽ پنهنجي قبضي ۾ آڻيان اهڙي طرح مونکي ٻه سال گذريا ۽ انهيءَ ٻانهيءَ ٻانهيءَ کي دنيا ڏيندو رهيس هڪ ڏينهن چيائين ته ڏاڪڻ ڪان مون توکي واقف ڪندس مگر پهريون سومل سان هلي شرط ڳالهاءِ آخر سومل وٽ پهتس جنهن ايهو شرط وڌو ته ڪاڪ مان لنگهي ۽ ڏاڪڻ تان چڙهي مومل تائين پهچندين ته توسان شادي ڪندي نه پهچڻ جي حالت ۾ خزانو تنهنجو توکي واپس نه ملندو مون ٻانهيءَ جي خاطري ڏيڻ سبب ايهو شرط قبول ڪيو جڏهن خزانو سومل کي ڏني ٻانهيءَ کي چيم ته هاڻي مون سان هل ۽ چوري ڪري پهچام تڏهن اڳيان هلڻ لڳي پوءِ خبر نه آهي ته ڪيڏانهن گم ٿي وئي مون ٿورا ڏاڪا چڙهيس ته ڪوئي ڪلون ڦرڻ لڳيون منهنجو دماغ ڦرڻ لڳو ڏٺيءَ کي عرض ڪرڻ لڳس ته مونکي مومل ڪان بس آهي هاڻي تون ٻاجهه ڪر ته پهچان گهر پوءِ انهيءَ ٻاجهاري جي لطف سان انهيءَ جادوءَ جي ڏاڪڻ مان هيٺ زمين تي پهتس هاڻي پاڻ ڦرائي فقير ٿي ويٺو آهيان ۽ شاديءَ جو به جواب مليو ته تون پيو پيرسن آهين سو ساميءَ جو درد پريو احوال ٻڌي سيني جي دل ۾ مومل جي ڏسڻ جو خيال اٿيو مگر راڻي کي ذرا وڌيڪ نيت ساميءَ جي ڪيل حقيقت ٻڌي راڻي چيو ته

سامي صبوح جو اسان مومل جي ماڙيءَ ڏانهن وينداسون ۽ پنهنجو بخت آزمائينداسون ڏسون ته ڪنهن جي قسمت ۾ لکيل آهي هالي آياسون شڪار لئي مگر شڪار جو شڪار ٿياسون.

(بيت)

وهوا سامي ڳالهه تو - عجب ٻڌائي رات
هينئر مومل سان - پئي ڪرڻي ملاقات

پوءِ تئي تيار ٿيا ۽ گهوڙن تي سوار ٿيا نيٺ اچي مومل جي ماڙيءَ وٽ پهتا ۽ مهمان خاني ۾ رهيا راڻي رفيقن کي چيو ته هن وقت ڀيريان ڪنهن سان ملون ايها ڳالهه ڪيڻ سان سومل به اچي وئي سو سمورو مومل جو شرط مقرر ڪيل انهن وزيرن کي ٻڌايائين راڻي جي سونهن سوڀيا ۽ جواني ڏسي عاشق ٿي پئي مگر راڻي ڪوبه اهڙو خيال نه ڏيکاريو هن جي دل ۾ مومل جي محبت سخت ٿوڻ لڳي مگر ظاهر مانڊ رهيو پهريان پنهنجي سنگتين کي چيائين ته توهان پنهنجي بخت جي آزمائش ڪريو سون پچاڙيءَ ۾ ويندس سو تن مان هڪ ڪاڪ ۾ ڪاهي پيو اندر ماٺي ڳاڙهي ۾ گهرڻ سان شينهن جون راڙيون ۽ جادوءَ جي ڪلن جون دانهون سخت ٿيڻ لڳيون هيبت جهاي نه سگهيو لاچار ٿي موٽي آيو انهيءَ ڪانپوءِ ٻيو وزير به ڪاڪ ۾ اندر ڪاهي آيو تنهن جو به ساڳيو حال ٿيو آخر ۾ راڻو

تيار ٿيو ۽ ڪاڪ ۾ ڪاهي ڳاڙهي پاڻي جي نهر ۾ پاڻ کي اڇليائين مگر نهر تمام ڪشادي نظر آيس شينهن جون گجگارون ۽ ڪلن جا آواز ٻڌائين مگر همت نه هاريائين نهر مان ترندو ويو ۽ ڪيسي مان هڪ سوپاري ڪڍي اڇلايائين جا ٻاهر وڃي پئي سو دل کي يقين ٿيس ته سڀ جادوءَ جو ڪارخانو آهي ۽ نهر جو ڳاڙهو پاڻي نه ٻوڙيندو تنهنڪري وڌيڪ خوف نه ڪريان سو اکيون بند ڪري سڌو انهي اڇلايل سوپاريءَ مان سمجهيائين ته پاڻيءَ جو وهڪرو ڏسڻ ۾ اچي ٿو پر پاڻي بيٺل ٿو ڀانئجي نيٺ ٿاقوڙا هڻندو ڪاڪ مان ٻاهر نڪتو ۽ باغ ۾ اندر پهتو ۽ ماڙيءَ جون ڏاڪڻيون بافي رهيس سو ڏٺيءَ کي ياد ڪندو ڏاڪڻ تان چڙهندو ويو ۽ ڏاڪڻ جا ڦيرا سمجهي ويو نيٺ وڃي مومل سان پلنگ تي ويٺو مومل گهڻائي ڏياءَ ڏيکاريس مگر هن جا راڻي سڀ اڻ ٻڌڻ جهڙا ڄاڻائين ۽ مومل مان گڏجي ويٺو.

(بيت)

قدرت جو ڪارخانو - ڪهڙو عجيب آهي
آخر ماي انهيءَ کي-جنهن جو نصيب آهي

پوءِ مومل به راڻي جي همت ڏسي کيس آفرين ڏيڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي ته منهنجي زبان مان زور سان به بيت ٻاهر اچن ٿا.

(بيت)

کيترا آيا ڪاڪ تي - ڏٺن نہ مومل ماڻي
پر هٿ آئي تنهنجي - حسن جي راڻا راڻي
توسان هرڪو بهنجو - ازلي انگ لکيل
آئين ڪهڙي رت تون - جادو آهين سکيل

پوءِ پاڻ ۾ ويهي محبت ونديائون ۽ حال احوال ڏنائون ديدان ديدن ۾ اڙجي ويون قرب ۾ ڪڙجي ويون راڻو رات رهي صبوح جو موڪل جي مومل سان ڳالهہ ڪيائين ۽ بکو انجام ڏنائين تہ هفتي هفتي ايندو رهندس. ٻيو ڪڏهن نہ ٻچندس تہ هن ڪري خوشيءَ سان مومل موڪل ڏني مٿان رنج رکين راڻي سان سون توسان نہ ڦٽندس ضرور ناتو نباهيندس مومل ايهي ٿڌيون ڳالهيون ٻڌي ڪيس اجازت ڏنائين راڻي ڪان سنگتين پڇيو تہ ساري رات تو ڪٿي گذاري چيائيس تہ ڪاڪ جي ٻاهران رلي رلي پرهہ جو سانجهو هت موٽي آيو آهيان. هڪ شينهن جون گجگوڙيون ٻيو ڪلن جا آواز ٻون ڳاڙهو پاڻي سندس ساٿين کي اعتبار اچي ويو پوءِ عذر ڪوٽ ڏانهن واپس وريا ۽ جلد ئي اچي پهتا. راڻي خيال ڪيو تہ همير سومرو روزانو سونکي ڪچهريءَ ۾ حاضر ٿيڻ جو ڪم وٺندو آهي سو موڪل مشڪل سان ڏيندو ايهو ويچار ڪندي دل ۾ خيال آيس تہ هڪ اُٺ پلو خريد ڪريان جهڪو تمام پنڌ جو تکڙو

هجي ۽ اُن پهرن ۾ مومل وٽ پهچائي آخر اهڙو اُٺ مهري ورتائين جنهن ني چڙهي ايندو هو ۽ مومل سان ملي ويندو هو اهڙيءَ طرح ڇگو عرصو گذريو همير بادشاهه کي سندس شڪل ۽ خوشي ڏسي تورو شڪ ويٺو ۽ سمجهائين ته راڻو ضرور ڪنهن سان محبت ڪري ٿو ڇو ته خوشيءَ سان ڳالهائي ٿو ۽ کهلو کلي ٿو هن کان اڳ ڪيس مونجهارو هو هائي سندس منهن جو وار وار کلي ٿو بادشاهه راڻي کي ڪچهريءَ ۾ رهڻ جو حڪم ڏنو هائي راڻو ڇا ڪري ڪمس ڇيائين ته ڏينهن ۽ رات جو ڪچهريءَ ۾ حاضر رهندو ڪر نيٺ راڻي جو مومل ڏانهن وڃڻ جو وجهه ڊهي ويو هفتي ٻن کان پوءِ سندس حالت خراب ٿي وئي پورو ڳالهائي نه سگهي هڪ ڏينهن بادشاهه پڇيس ته راڻا سچ ٻڌاءِ تون ڪنهن جي محبت ۾ گرفتار ٿيو آهين باقي ٻي بيماري تو کي ڪانه نه. اهي راڻي کي سواءِ سچ ڳالهائڻ جي ٻيو ڪوبه رستو نظر نه آيو چيائين ته شڪار تي وڃڻ وقت مومل جي ماڙيءَ ڏانهن ويا سون ۽ مونسان سندس ملاقات ٿي بادشاهه کي سندس ڳالهه ٻڌائڻ سان مومل کي ڏسڻ جو ڏاڍو شوق پيدا ٿيو سو راڻي کي چيائين ته تو کي اهو ڏوهه ٿو ڏهن معاف ڪيو جڏهن منهن مومل جو سون کي به ڏيکارين، راڻو دل ۾ ڊڄي ويو ۽ ڪيس خيال ٿيس ته جيڪڏهن بادشاهه کي ڏيکاريان ۽ پاڻ ڏسڻ سان متان عاشق ٿي پوي ته پوءِ سنهنجون به به ويون ۽ ڇو به ... خوشيءَ بجاءِ روڄ ۽

ماتام نصيب ٿيندو راڻو وڏي غم ۾ اچي ويو ڪچهريءَ ۾ به بيمارن وانگر ويهندو هو نه ڳهڻو ڳالهائي نه ڪلي بادشاه وري چيس ته راڻا تون ڪهڙي ويچار ۾ اچي ويو آهن راڻي بادشاه کي ٻيو دفعو به سچ چئي ڏنو بادشاه چيو ته راڻا مومل ڏي تيار ٿيءُ تڏهن راڻي چيس ته بادشاه سلامت جيڪڏهن منهنجو نوڪر ٻئي موزسان هلندين ته مومل کي ڏسي سگهندين ٻيو ڪوبه نمونو نظر نه ٿو اچي آخر همير بادشاه ايها ڳالهه قبول ڪئي بادشاه سواريءَ لاءِ ٺ گهرايا راڻي کي به پاڻ سان همراه ڪري مومل جي ماڙي اچي پهتا راڻي چيو ته بادشاه سلامت توهان منهنجو سامان ٺورو ڪئي پنهان هليا اچو جڏهن متي ماڙيءَ تي آيا تڏهن راڻي سان ٻيو همراه ساڻ ڏسي مومل ڊپ ۾ آئي ۽ راڻي کان پڇيائين ته ٻيو هي توسان همراه جيڪو آهي سو ڪير آهي راڻي چيو ته منهنجو خاص نوڪر آهي مومل کي شڪ پيو ته صورت به راڻي کان وڌيڪ آهي ۽ ڳالهائڻ به مٺو اٿس راڻو ڪوڙ ٿو ڳالهائي مگر راڻي کي چئي نه سگهي بادشاه کي مومل جي سوهڻي صورت ۽ موهڻي مورت دل ۾ اندر ڏسڻ سان گهاءُ ڪري ڇڏيو ۽ ارمان ڪرڻ لڳو ته اهڙي نازنين منهنجي هٿ اچي ته ڏاڍو چڱو آخر مومل کان موڪلايو بادشاه ۽ راڻو ٻئي گڏجي عمر ڪوٽ پهتا. پهچڻ سان راڻي کي بادشاه قيد ۾ وجهڻ جو حڪم ڏنو راڻي کي هٿڪڙي هڻي هڪدم قيد ۾ وڌائون ست ڏينهن

اندر قيد ۾ رهيو هڪ ڏينهن سندس رفيق جيڪي وزير هوا تنکي راڻي لاءِ روح ۾ رحم جاڳيو ۽ بادشاه کي دربار ۾ عرض ڪيائون ته جهان پناه راڻي کان ڇا قصور ٿيو آهي ۽ ڪهڙو ڏوه ڪيو اٿس جو اڃا تائين قيد جي سزا پوڳي رهيو آهي. بادشاه مومل جي حقيقت پڌائي وزيرن چيو ته مومل جي شاديءَ لاءِ سوين سوداگر ۽ شهزادا آيا خزانو ڦرائي مري کپي ويا هنجو نصيب هو تنهنڪري انسان قدرت جو فيصلو قبول ڪري اسان به راڻي سان ويا هواسون مگر حاصل ڪجهه به نه ٿيو تنهنڪري کيس معافي ڏيو پوءِ ڪٿي نوڪري ۾ نه رکو مخلوقات ڇا چوندي ته هڪ عورت جي ساڙ ۽ حسد کان پنهنجي وزير کي قيد رکيو اٿس اهو بادشاهن مٿان داغ آهي بادشاه چيو ته سيائي هڪ پرولي اوهان کي ڏيندس جيڪڏهن راڻي انهيءَ جو جواب باصواب ڏنو ۽ ڳجهارت پوري پچي ويو ته کيس آزاد ڪندس صبوح جو وزير آيا بادشاه راڻي کي هڪ اکين جي ڏنل ڳجهارت ڏنائين ۽ چيائون ته راڻي هيءَ ڳجهارت نه پچي ته قيد جي بجاءِ کيس موت جي سزا ڏني ويندي اوها ڳجهارت هن طرح هئي. چنيءَ کي چمر ڪيئن آيو راڻي گهڻي فڪر ۽ خيال هلائڻ سان آڪاڻي ڏنل جو جواب پورو ڏنائين وزيرن کي چيائين ته بادشاه جنهن وقت صحبت ٿي ڪئي تنهن وقت ٻار رنوٽ کي ڪنڻ جي خيال سان تڪڙي آڻ سبب مٿي واري شال ڦاٽي پئي تنهن چنيءَ کي چمر آيو ايهو ڳجهارت پچڻ جو

جواب بادشاه کي بلڪل ٺيڪ نظر آيو ۽ دل سان لڳو
راڻي جي قابليت ۽ هوشياري ڏسي کيس قيد مان آزاد
ڪيائين ۽ گهڻو انعام ڏنائين ۽ پٽ ريشم پوشاڪ پهرائين
ننهن ڪانپوءِ راڻي مومل ڏانهن اچڻ شروع ڪيو مومل
پڇڻ لڳس ته راڻا وچ ۾ اچڻ وڃڻ تو بند ڪيو ڇا سبب
جواب ۾ چيائين ته سخت بيمار هوس هاڻي دير دير اچڻ
ٿيندو بادشاه موڪل بند ڪئي آهي مهيني پوري ٿيڻ ڪانپوءِ
روز سان ڇڏيندو آهي هڪ دفعي مومل ڏانهن اچڻ وقت
ڳاڙهو پاڻي ڪاڪ جو راڻي جي ڪپڙن کي لڳو هو
سندس گهر واريءَ کي شڪ پيو ته ضرور ڪنهن هنڌ خراب
ٿيو آهي ۽ ڏاري عورت سان ناتو لڳو اٿس سو پنهنجي
مهري ڪنيز سان ڇيڙ ڇاڙ ڪيائين ۽ مڙس مٿان چغلي
هنيائين ڳاڙها ٿيل ڪپڙا ڏيکاريائين سو ڪنيز نوڪرن
ني سخت ڏڦاءُ ڪيو ۽ پڇيو ته راڻي سان اٿ ڪاهي ڪهڙو
حت ويندو آهي ليٺ هڪ جت سچي ڪئي ته مومل جي
ماڙيءَ ۾ ڏانهن ويا هوا سون راڻي جي پيءُ اوهو اٿ مهري
کر ڪرائي ڇڏيو حڏهن راڻي جي وڃڻ جو خيال ٿيو
تڏهن انهيءَ جت کي سڏايائين مگر ڏپ کان نه آيو راڻو
لاچار ٿيو هڪ ڪاڙي بوڙهي جت ڇيس ته انهيءَ اٺ
مهريءَ جو پيو پاءُ آهي ۽ هاڻ ۾ تمام تکو آهي حڪم
ڪيو ته هاڻي خريد ڪري ڪاهي اچان ايها ڳالهه ٻڌي
اٺ سو بوڙهي جت کي ڪيڏي ڏنائين ناڻو اٺ اچي ويو پاڪرا

متس رکجي ويا راڻو تيار ٿيو ۽ اٺ تي سوار ٿيو اهڙيءَ طرح چوري اچڻو ويندو هو ۽ مومل جي به محبت ڏاڍي ٿيڻ لڳس هڪ ٻئي سان پيار ڪندا هوا ۽ صدقو ٿيندا هوا.

راڻي ۽ مومل جي جدائي

مومل جي ڀيڻ سومل کي ساڻ ٿيڻ لڳو ۽ ماڻڻ سان مومل ۽ راڻي جو سمورو احوال ڪيائين اهي به سومل جي صلاح ۾ اچي ويا ۽ سومل کي چيائون ته اهڙي ڪا تجويز ڪاه جو مومل کان راڻو بيزار ٿي وڃي ۽ اچڻ وڃڻ بند ڪري ڇڏي سومل راڻي جي اچڻ واري رات جو مرداني پوشاڪ پائي مومل سان گڏجي پلنگ تي آرامي ٿي سومل کي سندس چالاڪيءَ جو پتو ڪونه پيو ۽ راڻو جڏهن اچي ويو مومل سان گڏ ڏاڍو مڙس سمهندو ڏسي هڪ نشاني منڊي رکي هليو ويو ۽ وڃڻ وقت واٽ تي هڪ ٻئي ماڻهو ڏٺائين جنهن چيس ته راڻا رات جو واپس ٿو وڃين خير ته آهي مومل سان هاڻي ناتو ڇڏي ڏنو اٿئي ڇا؟ راڻي کي سخت غصو چڙهيل هو تنهنڪري ماٺ رهيو جواب ڪونه ڏنائين هن شخص وري ڪلي چيس ته هڪ دنيا ٻي عورت ڪڏهن ته هجي ڪڏهن منهنجي انهن تي ڀروسو نه ڪجي سياڻا پهاڪو ڏئي ويا آهن ته رن ران سان زر جان سان اهي الفاظ ٻڌي ڪيس وڌيڪ ويساه ويهجي ويو ۽ دل ۾ چيائين ته سومل جي ڳالهه ماڻهن ۾ به مشهور ٿي وئي آهي. آخر ڪيترا ڏينهن راڻو نه آيو. سومل تمام غم ۾

گذاريندي هئي. جڏهن ڏينهن گهڻيندي ۽ جدائيءَ ۾ روئندي اچي اهڙو حال ٿيس جو صورت گهٽجي ويس ۽ رنگ مٽجي ويس آخر لاچار ٿي فقيرن واري پوشاڪ پائي عمرڪوٽ جا پتا پار پڇائي اچي راڻي سان ملي ۽ راڻي وٽ رهڻ لڳي هئي گڏ رهنداهوا ۽ مجلس ڪندا هوا. هڪڙي ڏينهن چوپڙ راند تي ڪهڙون راند ڪندي سومل جي ٻانهن تان چولو هٽ لهي پيو ۽ هڪ ٻانهن مٿان نشان ڏسي ورتو ۽ پڪيءَ طرح پڪين ٿيس تہ سومل آهي سو هڪدم ٽپو ڏئي ڪڙو ٿيو منهن ڦيرائي هليو ويو سومل گهڻو پشيمان ٿيس ۽ روئي چوڻ لڳس تہ راڻا انهيءَ ڪاوڙ ڪرڻ ۽ رسڻ جو سبب ڇاهي تہ مونکان ڪهڙو قصور ٿيا ڏوہ ٿيو آهي مگر راڻي ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو سومل لاچارٿي چوڻ لڳس تہ راڻا مون ڪيتري تڪليف ۽ ڪشالا ڪري فقيراڻا ڪپڙا پائي اچي تو وٽ پهتي آهيان.

✶سومل جو راڻي ڪي خط✶

رسڻ ڇڏي ڏي ــ مونسان پريت راڻا
آهن حال منهجا ــ ڪهڙا ٿيا نماڻا
١ــ هلي آءُ تہ پرچون ــ ذرا ڏيان ڏر تون
ڪارو ڪونہ ڪر تون ــ آءٌ ڪجهہ نہ ڄاڻا
٢ــ هائي دم نہ رهندس ــ وڃي ڏاکهہ چڙهندس
اکيون سان نہ ڏسندس ــ هي تنهنجا وڏاڻا
٣ــ نہ اکهہ چاڻ چاتم ــ جڏهن نينهن لاتم

هاڻي نيث پاتم - هي ڪپڙا پراڻا
- بدر ٿس چوان ٿي - وڃڻ سان سران ٿي
پنهنجا پاڻ ڏسان ٿي - مرڻ جا او راڻا

پوءِ مومل چيو راڻا تون ٿو پرديز ۽ مون کي نفرت سان ڏسين ٿو تہ مون بہ هاڻي هن دنيا ۾ جيئري نہ رهندس ۽ وڃي سا ڪاٺين جو وڏو انبار گڏ ڪرائي ۽ ڏاڍو ٺهرائي پاڻ کي بلهءِ جيئرو جلائيندس. مومل موڪلائڻ وقت راڻي کي چيو تہ هاڻي خداحافظ هيءُ موڪلائي ۽ هڪ ٻئي سان ڳالهائڻ جيڪو ٿيو سو ٿيو هن ڪنهن جيئرو رهڻ مون لاءِ جنجال آهي پوءِ مومل سڌو پنهنجي ماڳ تي پهچڻ سان هڪ ڪاٺين جو وڏو آڙاهہ تيار ڪرائي انهيءَ کي بلهءِ ڏيارپائيندس راڻي کي سنڌس موڪلائڻ ڪان پوءِ دل ۾ خوف ڏاڍو اچي ويٺو ۽ دپ جاڳيو سمجهيائين تہ مومل جو خراب هوش ٿي پيو آهي تنهنڪري ضرور ڏاڍو ٿي چڙهندي سو پنيان سندس آيو مگر پهچي نہ سگهيو ڏاڍو تيار تي چڪو مومل بہ مٿس چڙهي رهي هئي راڻو سخت ٻوڙندو آيو مومل کي گهڻيون دانهون ڪيائين مگر مومل هيٺ نہ لٿي ۽ راڻي کي هي جواب ڏنائين.

* مومل جو راڻي کي ڏوهيڙو *

راڻا منهنجي اچڻ جو - تو ڪونہ ڪيو ويچار
ڪوڙين ڳالهين تي ڪئي - تو آندو اعتبار
جاچين ها سچ ڪوڙ کي - پوءِ ڏٺن ها پسل بزار

سالڪ سمجهي ڪيڏندا - آهن الي سان وار
هڪ اڇايئه پاڻ ڪي - پيو مونکي مفت خوار
اٿين جڏهن ڏاگهه تي - چڙهي تيس تمار
لهندس هرگز ڪنڪي - گهر موٽن آهه مهار
هٿي بيوس ٿي لاچار - اٿم مرڻو "بدر" چئي

پوء جواب راڻي مومل کي هن طرح ڏنو

مومل تنهنجي هن حال جي - اڄ پئي ڪونه خبر
اندو ٿيس عقل کان - ڪيم ڪونه نظر
نڪي جاچيم ڳالهه ڪي - نڪي زير زبر
تنهنجو آيهو حال ڪيو - منهنجي رکيو ڏمر
مون به جلان ٿو توسان - پل نٿي ڪٽو قبر
ايها پيچا اکيان "بدر" - ٿيندي آخر تن کان

مومل پنهنجي حياتيء تان هٿ کڻي پوء ڏاگهه تي چڙهي تمار ٿي رهي هئي. انهيء لاءِ ته سهيايون طعنا ۽ مهڻا ڏيندييون تنهن ڪري پاڻ کي سچي ستي ثابت ڪرڻ لاء ناه پر جلڻ قبول ڪيائين مگر راڻي جو چوڻ پڌو اٿ پڌو ڪيائين اکيون بند ڪري ڏاگهه پر ٽپو ڏنائين ٿوريء دير اندر جلي وئي. راڻي جو ايهو حال اکين سان ڏٺو تنهنکي پورو يقين ٿيو ته مومل جو ڪم ڏوه يا قصور نه هو سڀ منهنجي غلطي هئي اسوس صد افسوس مومل تون بيشڪ حق تي آهين ايئن چئي روئي ڏنائين پوء پاڻ کي به جيئرو رهڻ مناسب نظر نه آيس پوء

شمع کي جلندو ڏسي پروانو به جلي وڃو ۽ ڇڏي دارالبقا ڏي نڪري ويا ھي فاني جھان ڇڏي ويا سندن وفات تي مصنف شعر چيو آھي جو نھايت درد ناڪ ۽ دل جو جذبو آڻيندڙ آھي.

(شعر)

شمع جلي پروانو آيو – ويو جلي – ويو جلي
مومل راڻو ٻئي جاپا – وٺي خاڪ رلي – خاڪ رلي

١ – سچي پريت جو سبق سکيا سي
ٻئيان ھڪ ٻئي – ڏاڍو چڙھيا سي
درد جا دفتر سندن پڙھيا سي
ھرھنڌ ايھا ڳالھ ھلي – ڳالھ ھلي

٢ – قلم قضا جو انگ وھايو
اوھو سڀن کي آڌو آيو
پورو ٿيو ربانـي رايو
ڪونھي ڪائي ڪابہ ڳلي – ڪابہ ڳلي

٣ – بدر ٿيا ڪن ساڻ وڇوڙا
ڪي ملي ٿيا محبوب سان جوڙا
ڪن روئي روئي وھايا ڳوڙھا
حال حقيقت ڪجھہ نہ سلي – ڪجھہ نہ سلي

حمد باري تعاليٰ (ڀِھريون)

اول صفت رب پاڪ جي – جو خالق خلقنھار
روزي رسائي سڀ کي – جڳ جو پالنھار

سندس هزارين نعمتون - ڪو نهي ڪوبہ شمار
انــدازو مخـلوق جو - ارڙهـن آهہ هزار
جيئن وٽيس نيئن ڪري - هلي سندس اختيار
نہ ڪو انهيءَ جو وزير آ - نہ ڪو صلاحڪار
مالڪ ساري ملڪ جو - مٿس دارو مدار
پيدا پهريان ڪيو ڏاڍي - نور نبي نروار
مير محـمـد مصطفيٰ - اڙٻـن جـو آڌار
ظاهر جنهن جي نور مان - جڙيو سڀ جنسار
پلا سندس اصحاب سڀ - خاصا چارئي يار
جن ڏنو مدني اوهي - پلا چوان لک ڀار
جن فدا ڪيو گهر ٻار - سي بدر سائين سرجا

ابيات (ٻيو)

شروعات مومل ۽ راڻو

نالي راجا نند ٿي - آ گذريو هڪ انسان
هو گهڻو خزانو تنهنکي - گهڻا نوڪر ۽ دربان
سو رکندو هو درياءَ ۾ - ڌ ٿي نہ جيئن نقصان
ڏند هڪ خنزير جو - مٿ اهڙو ڪمائين جوان
جنهن سان ٻاڻي ٻري ٿي - رهي سڪل صفا ميدان
چوريءَ وبندو هو ڪڏي - انهن ڪندو هو گذران
ڳالهہ انهيءَ جو ڪنهنکي ٻہ نڪو پتو يا نشـان
نڪي انهيءَ طرف ڏي - ڪنهن جو رهيو ڌيان
دل ۾ ٿيندو خوش هو - ۽ ناز ڪندو نازان

عقل حيرت ۾ حيران ـ بدر ٻڌي اهڙا واقعا.

بيت (ڏيرن)

نياڻيون راجا نند کي ـ هوريون نئو ڄايون
سهڻيون صورت ۾ سڀئي ـ ٻه سرس سوايون
ٻر مومل سومل سان سڀئي ـ ڪليون تي جايون
ڏهه ڏهه پيرا ڏينهن ۾ ـ گهور وڄن دايون
ٻاڙي جون هر هر اچي ـ ڏيل لڳن واڌايون
ڏسڻ سان اکيون سندن ـ گهور وڃن گهايون
طاقت ڪنهن کي ڪو نجو ـ ڏسن منهن ۾ چٽايون
ماڻهن ٻنهجي دل ۾ ٿي ـ سي پريون تي پاليون
ڏسڻ وارڻون تي وڃون ـ هوش ڪسايون
ٻدر ٻنهنجون ٻرايون ـ اچن هردم ڏسڻ لئي

بيت (چوڏرن)

هڪ ڏينهن راجانند ويو ـ ٻاهر ڪرڻ سير
ڏند مومل کي اچي ـ اوهو فقير گهريو خير
درويشن وارو انهيءَ ـ گيڙو ٻڌايو پير
ٻيلو مومل سامهون ـ ٻير تي چاڙهي پير
ٻيو ڪپي ڪجهه ڪينڪي ـ توڙي ناڏو سلي ٻير
ڇهائين مومل خير ۾ ـ نوڪي جهليندو ڪير
ٻيءَ نه تنهنجو دل جو ـ آهي بلڪل شير
نون آئي ستان خير ۾ ـ من ۾ ڪوئي قهر
هڪ ملڪ آ منهنجو ٻري ـ ٤ شهر بيڪانير

ڪر ۽ سوملُ ديرَ ـ ڏي ڏند سائل ڪي ڪٽي

بيت (مضمون)

ڏٺي چڏيو ڏند اوهو ـ سومل ناهه ڏٺي

فقير خوشيءَ سان ويو ـ ڪڏندو نيٺ ڪٽي

سچو شاهوڪار ٿيو ـ ايٽن قضا ٻٽي

پر سومل حي ٻني اچي ـ ڦقڙن منجهه ڦٽي

ڏڪٽي ٻس بت ۾ ـ ايڏي سخت گهٽي

جو لحظي منجهه لهي وٺي ـ وٻس ساس چٽي

سومل دل سان هڪڙي ـ اهڙي ڳالهه ڳٽي

سومل ڪي بلڪل اوها ـ وٺي اندر منجهه وٺي

چٽو سومل ڏند واپس وٺي ـ ايندي جادو هٽي

پدر پلو ڪندو ڏلي ـ ٿري شامت ويندي ٿو مٿان

بيت (چهون)

راجا ننڊ ٻه سوٽيو ـ ڪري سفر

ڏند ساڳي هنڌ رکيل ـ آيس ڪونہ نظر

سومل سان ڪولڻ لڳو ـ ايهو خاص ذڪر

سومل چيو سون ڏنو ـ آيو سائل وقت فجر

چپائين ايهو ڏند ڏي ـ نالي تنهن ڏاڙ

پڌڻ سان وٺي وٻس ـ دل ڪي سخت ڏڪر

اکين اکيان آبس هلي ـ اونده مثل ڪڪر

چوڻ لڳو سون سندو ـ ٿيندو ڪهڙو گذر

ويو خزانو سڀ هليو ـ رهيو ڪونہ ٿر

مومل گهر پدر - ڪري منهنجو تو چڏيو

بيت (ستون)

سومل مومل سان ڪيو ڳجهو هيءَ احوال
هاڻي هن طرح سان - ڪٿو ڪريون مال
ڪوتايون هڪ نهر ڪي - جنهن جو جبر وهايون جال
پاڻيءَ جو جادوءَ سان - مون رنگ ڪندس لعل
تنهنجي شاديءَ جو وجهون - ظاهر ايهو سوال
لنگهي اچي سو ڪاڪ مان - جنهنڪي شاديءَ آ خيال
نہ تہ خزانو گڏ نيئي - آ مشڪل گهڻو محال
سومل جي هن ڳالهہ ڪي - ڪيو مومل نيٺ بحال
سومل ڏنو مومل کي - ڏاهي عجب مثال
سمجهي قرب ڪمال - بدر هلي انهيءَ سمجهہ ۾

بيت (اٺون)

ڪاريگر اچي ويا - پهريان ڏاهي ڪاڪ انهن
چولين پيو پاڻي ڏئي - ڪن وڏا ڪڙڪن
ڪاڪ اندران باغ ٿيو - خوشبوءِ ڪئي گلن
ڇيتا چار شينهن وڏا ڏاهيا استادن
جادوءَ جي سي زور سان - راڙيون ڏاڍيون ڪن
چڻن ڪندن ڪان باغ جي - بيهاريائون تن
هڪل هڏي تن جو - دهليا جوان وڃن
ڪليون نهيون ڪيتريون - چرپر سان چلن
ڏسي هيبت ڪاڪ جي - ويجها ڪوند اچن

پاسا وڻي وڃن - بدر آخر ڪاڪ جا

بيت (ناڻون)

باغ اندر محلات وڻي - ٿهي عجب تي تيار
ڏريون دروازا ڪهڻا - چو طرفا سي چوڌار
رنگ ديوارن مٿان - سهڻا نقش نگار
سرون ڪاسيءَ جون لڳيون - تنهن ۾ لڪ عزار
شيشا بلوري درن ۾ - سنگ مرمر ساڻ قطار
طبقا طبقن جي مٿان - ڪيئي اڪيچار
پلنگ مٿان مومل هئي - ويٺل ساڻ خمار
ڳهه ڳهڻا سون جا - جڙيل جلويدار
بينسر بولو نٿ جان پيا - پٺيهه لڪنا هار
ڪپڙا ريشم پٽ جا - زر بفت زريدار
سرس ڪيا سينگار - "بدر" مومل ڪيترا

بيت (ڏهون)

ڏسڻ هزارين آيا - مڙي مومل جي محلات
سندس حسن جي سڀ ڪي - ڏاڍي وائي وات
شاديءَ جي ڪي خيال - ڳنڍ ٿيا پاڻئون پات
مومل شل مونکي ملي - ايها رکيو تات
هوش هليو ويو تن جو - ٻي نه وڻي ڪا ٻات
نڪي ڏسن ڏينهن کي - نڪا ڏسن رات
مومل او مومل ايها لونءِ لونءِ اندر لات
نوڪي صورت جي ڏني - آهي ذاتر ذات

ڳالهہ ماري آ ڇڏيو - حسن تنهنجي ذات
تني قسمت جي پريات - هيءَ رات وهلي "بدر" چوي

بيت (ٻارهون)

جادو ۾ هوشيار ٿي - پيڻ سندس سومل
جنتر منتر ڪيترا - هئي خوب پڙهيل
نهرائي تنهن ڪاڪ ۾ - امڙي انهيءَ ڪل
ٻاٽي جنهن جي هلق سان - ڏاڍي ڏني اچل
لعل سندس رنگ هو - ڳاڙهو رت مثل
گجگارون شينهن سنديون - هيبت سان هڪل
ڪامڻ ڪيا ڪيترا - ڳجها ڦند فڪل
سَو ڏه ڏاڪا ڏاڪڻ ۾ - منجهان ٺام ٺهيل
ڦرندا وتن تنهن اندر - امڙي رمز رکيل
نہ هو ٺرو ڪُهتيل - هنر جو ڪو "بدر" چئي

بيت (ٻارهون)

ڪئي خزانا ڪيترا - سوداگر سي آيا
سومل جي شاديءَ سندا - ڪري ويچار سعيہ
کي ٻاٽيءَ ڳاڙهي ۾ ٻڏا - کي ڪلن گوايہ
ٻهچي سکهي ڪينڪي - تن ناتا وڃايا
هٿ سومل سا ڪني - ڪئي مڙني جي مايا
انهيءَ طريقي سان روپيا - تنهن لکها ڪمايا
سڀ جون اهڙون خاڪ ۾ - سڀ خرچ اجايا
ويڙا ڇڏي آخر مري - سي کهوٽ اجل کهايہ

نهر ڏيئي لهر سڀ - ني ڪنڌيءَ اڇلايا
"بدر" سڀ ڪي سر آيا - او لکيا روز ازل جا

بيت (تيرهون)

ماڻي عمر ڪوٽ جو - ڪريان نقل نظر
حاڪم ٿي آ گذريو - نالي نرهمير
سڏائي سو سومرو - پنهنجي ذات امير
سوالي سندس در تي اچي پير فقير
ڪري سڏائين فيصلا - تڻ جا وڏو وير
ڪو فريادي ڪو ڏوهي - ڪو شاهد ڪو مشير
راڻي نالي تنهن وٽ هو - رهندو وڏو وزير
پيو ڏونر پتي ذات جو - رهندڙ طرف ملهير
ٽيون تماچاڻي قوم - نالي سنهڙو دل گير
بي چاڻي خبير - "بدر" ڳجهي ڳالهه جي

بيت (چوڏهون)

سامي چيو ڪن ڏئي - هڏو تني مذڪور
ٿو اڪ ناڻو مون وٽ هو - هڪ تجوڙي پر نور
نالو منهنجو هو وڏو - ملڪن ۾ مشهور
چنيهه ڪروڙ لشڪر هو - شاهي جيئن دستور
بيلي پانها ڪمترا - حڪم جا مجبور
شاهي چڏي ڏک ڏاکڻا - ڪيم توڙي منظور
پرچيم ملندي مونکي - مومل نيٺ ضرور
دلاسا ڏيندي ڏيندي - ڪيائين ڪيس ڪلور

ناهي لائق شاديءَ جي - آهين ڪراڙو جهور
هائي ٿيءَ اکين کان دور - جلد جهپور "بدر" چئي

بيت (پندرهون)

پڌي حقيقت ساميءَ جي - تن کي باه پري
صلاح ٿئي ڪن پاڻ ۾ - ڦيري وري وري
هاڻي ملڻ محال آ - اوهان حور پري
بارهل ڪئي جي بجا - ٿي وئي ڳنڍ ڳري
کهڙي اٽڪل سان ٿئي - مشڪل ايها ڏري
ڪيئي آيا ڪاڪ تي - ويا سڀ مفت مري
اڄ تائين ويو ڪاڪ سان - ٻيءَ پر ڪونه تري
نڪي پڌائي ڪوبه ٿو - ايها خمر ڪري
هڪل هيبت کي ڏسي - ٿو بوي ڏٻل ڏري
"بدر" ڪونه ٽري - جا لکيل لوح قلم جي

بيت (سورهون)

رهيا ويجها ڪاڪ جي - ويهي گهڙي گذاري
چوري سنهڙي ڏونر کان - ڪئي رائي تياري
گهرو ندر ڪاڪ ۾ - لڙهي ٿيو جاري
تنهنکي پائيءَ جي وٺي - خمر سڄي ساري
ڪيڏي هڪ ڪهسي منجهان - پوه اچلي سوپاري
سڌو انهيءَ طرف ٿيو - ٿيس خاطر هيڪاري
ڏئيءَ جي درگاه ۾ - اڳو ڪرڻ نيزاري
چوڻ ٿيو جادوءَ منجهان - ڪر پار مونکي هڪواري

ڏسان اکين سان وڃي - سومل سوچاري
نر ڏسي نازي - "بدر" شڪرانو ڪيو

بيت (سترهون)

ملنهي سومل جي ابها - وٺي ڳالهه هڏائي
صورت سندس سوهڻي - سج چنڊ کي شرمائي
ڪٿي اکيون سا ڀٽي - ڏسي ڪنهن ڏي چتائي
تہ ڪير انهيءَ ڏي سگهي - ڪو سامهون واجهائي
سندس حشمت ڪان اڳوان - ڪهڙو ڳالهائي
ڏسڻ سان دليون وڃهي - گهور ڪري گهائي
نہ چڱان نصيب سا - اهي ڪنهنکي الائي
نتي هيٺ سازيءَ ڪان نهي - ڪو پير جتيءَ پائي
پر آه زمانو لا بچ جو - جنڪو ڪاٿي سو ڳائي
"بدر" رنا پرچائي - جنڏي مارا سنت ۾

بيت (اٺارهون)

مانهي وڃي وين - وبتر هوش هوس
پوءِ صلاح ڪياٿون پاڻ ۾ - تہ ڪرڻو آهي وس
ساميءَ رستي ۾ ڏنو - ڏاهي جنهکي ڏس
پورو آهي سو سيٺي - اچا ذرو سرس
پر هٿي سر جو ڪرڻو - ڪونهي ڪنڌهن ترس
سواءِ سومل ملڻ جي - ڪونہ ڪنداسين بس
ڏونر سنهڙو جوش ڪان - ڪارا ٿي ويا مس
ڳالهہ ايهائي وات ۾ - ايهو رکيو بحث

لنگھڻو انھيءَ ڪاڪ مان - آھي سخت عبث

بيت (اوڏيھون)

پاڻھي ميٽ نيل ڪٿي - آئي لنھيءَ دم
تڙ ڪري تازا ٿيو - ڀهريان ايهو ڪم
لاھيو مر متي صفا ڪيو - هلڪو جان جسم
لول اسانجي آ ايھا - مقرر رڄ رسم
هلو خوشيءَ سان ٿئي - لاهي گوندر غم
متان آڻيو دل ۾ - ڪوئي شڪ شرم
مومل آهي اندر جي - بلڪل گهڻي نرم
چواڻس مهمانن سندي - ٿئي متاڻ دل گرم
هاڻي ڪري "بدر" ڪرم - هليا هلو هن حوض ني

بيت (ويهون)

وهنجي هڪدم حوض تان - ڪپڙا پنهنجا پائي
چون لڳا پاڻ ۾ - ڇا ڏهندو الائي
پاڻھي هٿ مومل مڪو - هيءَ نيايو ڇوائي
نہ ڦورو هي سٽ سندو - ڏيو جلد چڏائي
قابل هنر ۾ ڪهڙو - ڏسون اول آزمائي
راڻي سٽ ۾ اڏ ڪري - چڏيو موڙو بنائي
وڏو ڪچيءَ ۾ گهوڙي جي - ايهو ناه نهائي
دل ڪي پاڻهيءَ جي وڏو - ننهن جوان جلائي
هلي راڻي جي هتان - اوهو ڦوري ڦرائي
"بدر" نيڻ نمائي - وٺي هلي محلات ڏي

بيت (ايڪيهون)

وڃي مومل سان ايها - تنهن ڳالهه سموري ڪئي
ٻڌي ساري قصي کي - ٿي صفا ماٺ وئي
ڦورو آهر تن کي - هن نموني ڏئي
رائي وڌي ٻه اڌ ڪيو - چپ هوا هو هئي
ٻنيان وينا ڪلن ٻيا - پاڻ ٻه ساڳيا لئي
ٻانهي ايها ڳالهه جڏهن - پوري ڪئي سيئي
مومل ڏاڍي خيال ۾ - اچي سخت هئي
ڇهائمن چڱي تن جي - ٿيندي ٻار بتئي
ڇڏيو ڪنهن کي ڪهڙي - لائو هجي ٻيا لئي
جهڪا جٿ پنجي - تن سان ڪر تون ”بدر“ چئي

بيت (ٻاويهون)

ٻانهي ٿوري دير سان - ڪئي طعام عجب آئي
رائي، ڇيو ڪائي نه ڪو - ٿئي پهريان داجائي
هڪ ماني ڪتي کي ڪئي - ڪڍي رائي اڇلائي
ڇپائمن وٺي آ ايها - اڳ اول لائي
ڪتو مري سو ويو - جيڪو ماني ويو کائي
طعام سڀ هاري رکيا - ڪري ٿانو صفائي
ٻر نه ٻانهي کي ايها - تنهن ڳالهه ٻڌائي
سڀ حقيقت دل ۾ - انهن ٻنهنجي ڇپائي
زهر ڏيندي هئي ڪاڏي ۾ - ڪري سخت دغائي
ٻر ٿيو فضل خدائي - جو بچي وياسي ”بدر“ چئي

بيت (ٽيوڻهون)

ڀانهي ڏاون جا اچي - ڪيائين ڪاڻ جا سعيا
وڻيا خوش ٿئي چٽا - تنهنکي نظر آيا
مولي مومل کي وڃي - سڀ ڀانهيءَ ٻڌايا
آهن اڳ ڪان سي اڳرا - اڃا سرس سوايا
تو ڇيو ويندا مري - پر باريءَ بچايا
مومل ناٿان ڪيترا - تو لکين ڪمايا
هاڻي وڌيڪ نه ڪر تون - ايهي خون اجايا
هئي ڪانپوه ڪهڙي ايها - ڪم ڏيندي مايا
جنهن جي خاطر تو سوين - گهوٽ گهٽا گهايا
"بدر" پنهنجا پرايا - ونندي حق حضور ۾

بيت (چووٽهون)

ٻڌهن مومل ٻانهيءَ سان ڪئي قيل مقال
نه هي ٿئي ظاهر ڪندا - منهنجا سڀ افعال
سياڻا هوا سمجهي ويا - سيئي تال ٻخال
انهيءَ نموني ڪيترا - مهڙيم مڏيون مال
هاڻي ڏٺوءَ جي در تي - ايهي ڪريان تي سوال
نه ڏوبهه آهي منهنجي - تون پردو ڍڪيندين شال
هن ڪانپوه لاهي ڇڏيم - دل جا خام خيال
تون ڪندين هن ٻچڙي تي - پنهنجون پلايون
روئي پنهنجي اکين مان - ٿي جر وهايان جال
ڪري هيٺا پنهنجا حال - بخشايان ٿي بدر چئي

بيت (پنجويھون)

پوءِ ٻانهيءَ هٿ سومل سڪو - هيءُ پيغام هوائي
تہ لوماڻ مان هڪ هڪ تي - اچي منهن سان ڪُرلائي
تنهنجو لول سنھڙو - سڪھو پير جتيءَ پائي
ٻانهي جيس ڪڍ هليو - تنهن کي پولائي
ڏاڪڻ اندر وٺي هلي - جلدي ڪسائي
سنھڙي ڏٺو لوڌه اندر توڙي واجهائي
سڌ ڪمائين ٻانهي کي - پوڪٿون پاڙائي
ٻر لنهيءَ جو ڪمر نو - ڪو ٻڌائي
ڪمنڻ ڪري ڪلاڏي وڃي - پيو جوش ڪها ڪلٽي
آخر جند ڇڏائي - هيٺ لٿو سو ٻڌر چئي

بيت (چويھون)

هيٺ لٿو سنھڙو - ڏاڪا ڏني سوڙها
لنڻ وڪر تنهن هتيا - توڙي ناڦوڙا
دلتھون ڪمائين ڪمترپون - ڪهوڙا ڙي ڪهوڙا
پرشيان تي ويٺا - ڪنن ڪان پوڙا
ڏک لڳس تي پيس - جان سڄي روڙا
لکو حساب ڪتاب هو - نڪي رهيا ڪوڙا
ڇماڻين سومل تمامي - ڇگا تو سان جوڙا
ملي ڪلٽي تڪا توڙا - سونٿون ساکي جاه ڏي

بيت (ستاويھون)

سولي سنگت سان امي - اھو حال سڄو تنهن ڪيو

اونده ڏاڍي سخت هئي - هنو ڪوبه نه هئو
هڪ ڏاڪا سوڙها پيا وڪڙ - تيون ڪلن جو ڏڏڪو
وچان اولهه طرف ڏي - ته اوپر آهيان وهو
پاهي گسائي ونى هلي - پوءِ هوش خراب ٿيو
راڪا ڪجهه ڪيترا - پر سڌ نه ڪوبه ملهو
ڏکن ساري جان جو - سارو ساس چلهو
هيٺ ڪان سون پان کي - هيٺ ڪئي اچلهو
ڪانهڊو ايش ڏڪ گهٽا - آهيان نڌهن رستو
هاڻي سکهو ڪريو - ته موٽون ملڪ پنهنجا چئي
بيت (اڻاويهون)
سهڙو جڏهن بيرو ڪري - پنهنجو رهو بيان
ڏولر هڪدم نوار ٿي - سو بيٺو پهلوان
چوڻ لڳو سهڙو - سخت آهي ارمان
پر لاهي هلون دل جو رهيل غير گمان
من به مسڪين ٿيان - ٿئي مولا مهربان
ڪهڙي ڪريون ڪاڏي وڃون - آهيون حيرت ۾ حيران
يا هلون پنهنجي ملڪ تي - يا ڇڏي ويهون ايمان
چو اچائي پيا ڪريون - هت غمن ۾ ڪنران
يا ويٺو اچي وجود ۾ - آهي اچ شيطان
راضي آ رحمان - چڱن ڪمن ۾ بدر چئي
بيت (اوڻٽيهون)
پوءِ ڏولر ڏڪندي ٿيو ڪڙو - ڪلي هٿ ۾ ڪنري

گڏ ٻانهيءَ سان وڃي - پنهنجي سرت رکي ساري
ٿر ڪان نڪري وڃي - متان هلي ناري
پوءِ ڪل چري ڪوڙڪا ٿيا - چو طرفا چوڌاري
ٽا ٽڪ ٽڪاءُ ٿي - ٻيا ڏڏڪا هوڪاري
ٻانهي وٺي ڳم صفا - تورڙي ڪيائين هوشياري
هڪل هيبت ڪي ڏسي - ٿيس من کي مونجهاري
دل دهلجي ويس - ڇيائين توبهه ۽ زاري
در ڏليءَ جي سخت ڪئي - تنهن تورڙت نمزاري
ڪيس سائين ستاري - جو بدر سنگت سان مڏو

بيت (اٺون)

(راڻي جي تياري ڪرڻ ۽ درگاهه موليٰ جي عرض ڪرڻ)

اتيو راڻو ڏاڍي جوش سان - ڳوڙهو ٿي ويو لعل
توڙي سنگن سڀ ڪيس - ڏکيو اچي احوال
ته به ڇيائين سائون - توکي آهي ايهو سوال
رکج لڄ شرم جي تون پت سنهنجي لڄ پال
مومل ملي موليٰ موکي - نڪي گهڻا مڏيون سال
تون ڪو پنهنجو ڪرم ڪر - تون ٻلايون پال
اسان عاجز بچڙا - ڪندا اسان جا حال
تنهنجي مدد ڪانسواءِ - ويندا گذري سال
ٻاڏايان ٿو در تنهنجي - تون قبوليندي شال
ٿوي بوري هيءَ شل لال - ماڻيان مومل ”بدر“ چئي

بيت (ايڪٽيهون)

(راڻي جو ڪاڪ ۾ وڃڻ ۽ ڪناري پهچڻ)

رالو گهربو ڪاڪ ۾ - ڪيو ڪڙڪو وڻي ڪنن
ڪان سندا آواز ٿيا - وڏي دهشت ساڻ هلن
شينهن ڦاڙيا وات وڻي - گجگوڙ گروڙيون ڪن
سانگر مڇ ڪيترا هيا واڳون ڏار اچن
ڪڇون ڪميڻ لڏڙا گهڻا - مسر وات وڃهن
بون ڀاڄيون وڃڻ لئي - صفا ڪوڙ ڇڏن
ڏيڏر ٻان ٻان ڪن وڻي - ڪاٿي متو وڃن
نانگ ڪارڻهر ڪير اچي - ڦوڪان ڏار ڏين
سون بلائون ڪاڪ ۾ - لڙهنديون خوب وتن
سو ڪجي نه کائنتو سندن - سڀ پاڻيءَ منجهه ترن
سودي سوائو هو گهٽو - ڪيو خيال نه ڪوبه متن
جهن کي پارچون - پهتو تنهن جاءِ "بدر" چئي

بيت (ٻٽيهون)

(راڻي جو ڏاڪڻ مان لنگهڻ ۽ محلات ستان پهچڻ)

لنگهڻ ڏاڪڻ نان شروع - نيٺ ڪيو راڻي
وڪڙ ڏاڪڻ جا ويو - سالڪ سچالي
هي ڦيرو هن طرح آ - ويو ڦيرن کي جالي
اهڙي نموني ئي چڙهيو - ڪنهن ڏسيو اتي سيالي
قابل ۽ هوشيار هو - نند ٻڻ ساماڻي
سمجهان تو منزل اچي - ئي وڃهي آ هالي
پهچايو پرور اتر - ريءَ روڪڙ ۽ ناڻي

پوءِ چانور ڪني ڏار ڪيان - ريءَ ڳيچن ئو چاڙي
ساڙيءَ مٿي سولي چڙهي - تنهنجي قدرت اماڻي
"بدر" سومل کي ماڻي - وچي چڙهيو پلنگ تي
بيت (ٽيٽهون)
(راڻي جو سومل سان ملڻ ۽ ٻاڻ ۾ ڳالهائڻ)
سومل راڻي کي ڏسي - ڪو سخت مٿس ڏٺاءِ
ويهه هيٺ فراش تي - پلنگ مٿي نه آءِ
